# SIBA Testing Services

**Merit-Transparency-Technology**

No.STS/Sec/1794/24 Dated:07/09/2024

## پريس رليز

### سکر آءِ بي اي ٽيسٽنگ سروسز پوليس ڪانسٽيبل جي اڄ جي ٽيسٽ جي آنسر ڪيز جو اعلان ڪري ڇڏيو

ايس ٽي ايس اعلان ڪيو آهي ته ميرٽ ۽ شفافيت کي برقرار رکندي اڄ ٿيل پوليس ڪانسٽيبل ٽيسٽ جا آنسر ڪيز هاڻي اميدوارن لاءِ دستياب آهن.

پوليس ڊپارٽمينٽ، جي پوسٽ لاءِ 7 سيپٽمبر 2024 تي ڪراچي، (BPS-07) ايس ٽي ايس پاران پوليس ڪانسٽيبل حيدرآباد، شهيد بينظير آباد، لاڙڪاڻو سينٽرز ۾ ورتل صبح ۽ شام جي شفٽن جي ٽيسٽ، پيپر ون ۽ پيپر ٽو جا ڪيز ويب سائيٽ تي اپلوڊ ڪيا ويا آهن.

ايس ٽي ايس موجب ٽيسٽ آنسر ڪيز هاڻي اميدوارن لاء ٽيسٽ واري ڏينهن ئي پڌرو ڪيا ويندا.

سي اي او ايس ٽي ايس ۽ وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر آصف احمد شيخ چيو ته ٽيسٽ جي عمل ۾ شفافيت ۽ ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاء هي قدم ٽيم جي عزم ۽ ڪوشش جي عڪاسي ڪري ٿو.

سي اي او چيو ته فوري آنسر ڪيز پڌرو ڪرڻ ايس ٽي ايس جي ٽيسٽ جي عمل جي شفافيت جو ثبوت آهي، گڏوگڏ ايس ٽي ايس ۾ وڌيڪ سڌارن آڻڻ وارن اسان جي ڪوشش جو نتيجو آهي.

هن وڌيڪ چيو ته ايس ٽي ايس معيار ۽ ملڪ ۾ ميرٽ جي بنياد تي ڀرتين جي حوالي سان پنهنجي الڳ سڃاڻپ رکي ٿي.

**سکر سنڌ**

**سپٽمبر 7, 2024**

**SIBA Testing Services, Nisar Ahmed Siddiqui Road Sukkur, Sindh Pakistan Tel: (071)5644200**

E-mail: sts@iba-suk.edu.pk Website: http:// apply.sts.net.pk